ڊاڪٽر ناهيد پروين

# سنڌي لوڪ ادب ۾ پهاڪن، محاورن ۽ ورجيسن جي اهميت

**Abstract:**

**Importance of Proverbs & Idioms in Sindhi Folk / Literature**

*For centuries proverbs and idioms have been commonly used in folk Sindhi literature depicting culture, traditions and livelihood of folk people. These proverbs and idioms were invented by intellectuals and elders of rural society who invented the same on the basis of their traditional experiences. Later on these terms transformed from folk lore to modern literature and the use of proverbs and idioms in writings made the language more rich, powerful and interesting. In recent past the usage of proverbs and idioms has reduced and a common man or even students are neither using it nor appreciating the secret or the meanings hidden behind proverbs and idioms. A critical analysis of “پهاڪو”، “محاورو” ۽ “ورجيسي” has been done in this paper with reference to its importance in folk lore and literature. Apart from comprehensive study of all three branches of literature, recommendations have been made to preserve these terms and make their use more common in writing and folk lore.*

**سنڌي** لوڪ ادب صدين کان جهنگ جهر، ڳوٺن، واهڻن ۽ وستين ۾ سرجي پيو. ڳوٺاڻي ماحول ۾ ٿيندڙ ڪچهرين ۾ لوڪ ادب جي ارتقا اڄ به جاري آهي. هيءُ اهو ادب آهي، جيڪو اشاعتي مرحلن کانسواءِ، سگهڙن، ڏاهن ۽ مڱڻهارن پنهنجي سيني ۾ سانديو آهي، پر ويهين صدي جي شروعات کان عالمن لوڪ ادب کي ڪتابي صورتن ۾ آندو ۽ ڪوڙو مل چندن مل کلناڻي پهريون سنڌي عالم هو. جنهن ١٩٠١ع ۾ ڳجهارتن جو ڪتاب ترتيب ڏيئي عام تائين پهچايو.

بعد ۾ ٻين اديبن، ڊاڪٽر عمر بن دائود پوٽي، ماستر الله بچائي سمي، عبدالحسين شاهه موسوي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ۽ ڊاڪٽر روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي ان ڏس ۾ پاڻ ملهايو آهي.

انهن عالمن ۽ اديبن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌي ادبي بورڊ جي





منظور ٿيل رٿا ’لوڪ ادب‘ هيٺ پنهنجي ساٿين سان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ جا دورا ڪري سگهڙن سان ڪچهريون ڪري، مواد هٿ ڪيو ۽ مختلف صنفن تي اٽڪل چاليهه کن ضخيم ڪتاب ترتيب ڏيئي، سنڌي ٻولي کي ’لوڪ ادب‘ جي خزاني سان مالامال ڪري ڇڏيو.

اهو سلسلو اڃان به اڳتي وڌيو، جڏهن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ ڪراچي ٽيليويزن سينٽر تان سگهڙن جي ڪچهرين جا پروگرام پيش ٿيا. جنهن ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان فتح خان جي ڪچهري، جنهن جا به اهم ڪردار سيد صالح محمد شاهه ۽ عبدالڪريم بلوچ هئا، تمام گهڻو مشهور ٿيو.

پاڪستان ٽيليويزن ڪراچي سينٽر تان ’ڪچهري‘ نالي پروگرام جي شروعات سيد صالح محمد شاهه ڪئي، جيڪو ورهين تائين ڪراچي سينٽر تان نشر ٿيندو رهيو. انهن پروگرامن وسيلي سُگهڙن کي ڳوٺن مان ڪڍي شهرن ۾ آندو ويو ۽ انهن جو سرجيل ادب عام ٿيڻ لڳو. اڳتي هلي سگهڙن جي مختلف تنظيمن جي جوڙجڪ به ٿي، جنهن سان سگهڙن جي وچ ۾ لهه وچڙ به وڌي، ۽ لوڪ ادب جي ثقافت کي به هٿي ملي.

سنڌ ثقافت کاتي ميلن ۽ عرسن جي موقعن تي منعقد ٿيندڙ ادبي ڪانفرنسن سان گڏوگڏ سگهڙن جي ڪچهرين جا پروگرام به ڪرائڻ شروع ڪيا. جنهن مان لوڪ ادب کي اڃان به وڌيڪ هٿي ملي خاص طور تي لوڪ شاعري جون مختلف صنفون انهن پروگرامن وسيلي عام ماڻهن تائين پهتيون.

لوڪ ادب بابت ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو لکي ٿو: ”’لوڪ ادب‘ تاريخ جي ضخيم ڪتابن مان نه ملندو، ڇاڪاڻ ته ان جو جنم اتي نه ٿو ٿئي؛ پر ان جو سرچشمو ’عوام‘ آهي، جنهن جا سينا انهن املهه ۽ اڻلڀ خزانن جا ’امين‘ آهن. عوام جي زندگي سادي، تنهنڪري سندن ٻول به سادا؛ عوام جو ماحول سادو، تنهن ڪري سندن خيال به سادا؛ پر انهن سادن ٻولن ۽ خيالن ۾ جا بلندي رهي ٿي، سا سندن ٻَڌَ جو قوي دليل آهي. جيڪو به ٻول ٻوليندا، سو ڇٻي ڇٽي، وهڃائي وِيچاري، ڳَٽي ٻَڌي ۽ ٺلي سَلي؛ جنهن ۾ سندن روشن خيالي ۽ قوت مشاهده عالي پئي للڪاريندي. ڀُڻن اُگهاڙا، پيرين پيادا، ڪُڙيءَ کِهه لڳل، ليڙن ليٽيل، سادي قُوت قرارا، جڏهن به صدري خزاني وارا موتي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هاريندا، تڏهن ٻتندڙ دنگ رهجي ويندا ته سادي سيني مان، کهڙا نه مُلهه مَهانگا موتي ملن ٿا. هر ملڪ جي ادب جو سينگار، اهي ئي 'لوڪ ادب' جا ماڻڪ، موتي، لعل آهن."(1)

لوڪ ادب ڪڏهن اُسَريو ڪٿي اُسَريو ۽ ان جو مؤجد ڪير آهي، تنهن لاءِ ائين چوڻ مناسب ٿيندو ته جڏهن انسان سماجي طور تي باشعور ٿيو ۽ پنهنجي جذبن ۽ احساسن جي ترجماني ڪرڻ جي قابل ٿيو، تڏهن کان هو انهن احساسن ۽ جذبن جو دلچسپ ۽ معنائتي انداز ۾ اظهار ڪندو رهيو آهي. اهي جذبا، اُمنگ ۽ احساس هر خطي ۽ هر ملڪ جي ماڻهن پنهنجي ريتن رسمن، روايتن ۽ ماحول آهر پيش ڪيا آهن.

هن مقالي ۾ لوڪ ادب جي ٽن اهم صنفن جو تحقيقي جائزو ورتو ويو آهي. جيڪي بنيادي طور تي آهن ته لوڪ ادب جون، پر اهي هاڻي ادب جو اهم حصو به بنجي ويون آهن.

اشاعتي وسيلن جي واڌاري ۽ ادب جي ارتقا هوندي به، انهن صنفن جو واهپو ڏينهون ڏينهن گهٽجي رهيو آهي، جيتوڻيڪ ان جي واهپي سان ٻولي، دلچسپ، پرڪشش ۽ اثرائتي بنجي ٿي ۽ ان ۾ رنگيني پيدا ٿئي ٿي. اهي صنفون آهن.

1. پهاڪا
2. محاورا
3. ورجيس

حقيقت ۾ سنڌي لوڪ ادب جي سجاڳپ ان جي پهاڪن جي گهرائي، محاوري جي سينگار ۽ ورجيس جي سُرن سان آهي. لوڪ ادب جي انهن ٽنهي صنفن جو جيڪڏهن عام ماڻهو اڀياس ڪري ٿو، ته ڪين انهن ۾ هڪجهڙائي نظر اچي، جڏهن ته علمي اڀياس ڪجي ته انهن ۾ گهڻو فني فرق آهي. ان فني فرق کي هيٺ واضح ڪجي ٿو.

انهن صنفن جو جڏهن فني ۽ تنقيدي اڀياس ڪجي ٿو، خبر پوي ٿي ته ٻوليءَ جي ماهرن وٽ انهن صنفن جي ڪا واضح ۽ اثرائتي وصف موجود ڪونهي. ان حد تائين جو پهاڪن جي ڪن ڪتابن ۾، جن ۾ ديوان ڪيول رام سلامت راءِ آڏواڻي جي





سهيڙيل ڪتاب 'گل شڪر' جيڪو پهريون ڀيرو 1905ع ۾ شايع ٿيو ۽ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي سهيڙيل پهاڪن جي ڪتاب 'پهاڪن جي پاڙ' ۾ به ان صنف جي فن ۽ فڪر کي اجاگر يا واضح ڪرڻ کان سواءِ سنئون سڌو پهاڪا ۽ انهن جو پسمنظر بيان ڪيو ويو آهي، البت ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي پنهنجي ڪتاب 'سنڌي پهاڪا ۽ محاورا' ۾ انهن صنفن جي وصفن ۽ انهن جي وضاحتن کي ڀرپور نمونې بيان ڪيو آهي، بلڪ انهن ٽنهي صنفن جي پيرائتي وضاحت پڻ ڪئي آهي، جيڪا ڪجهه هن ريت آهي: " سنڌيءَ ۾ ڪتب ايندڙن سيني مروج استعمال کي اسين ٻن قسمن ۾ ورهائي سگهون ٿا:

1. اهو مروج استعمال، جيڪو بيان ۾ ڪنهن جملي جي بيهڪ ۾ نه ٻڌجي، هڪ الڳ ايڪي يا جملي وانگر ڪتب اچي ٿو.
2. اهو مروج استعمال، جيڪو بيان ۾ ڪنهن جملي جو جزو بڻجي وڃي ٿو. هر هڪ قسم جي مروج استعمال کي معنيٰ جي لحاظ کان ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

الف : اهو مروج استعمال، جيڪو اکري معنيٰ نه ڏيئي، ٻوليءَ جي رواج موجب ٻي ڪا معنيٰ ڏئي.

ب : اهو مروج استعمال، جيڪو پنهنجي اکري معنيٰ ۾ ئي ڪتب اچي ٿو.

**مروج استعمال**

(Formular Usage)




هتي ڏنل سمجهاڻيءَ موجب مروج استعمال ڪل چئن قسمن جا آهن:

١. اهو مروج استعمال جيڪو بيان ۾ الڳ ڪتب ايندڙ هڪ پورو جملو يا ايڪو هوندو آهي ۽ اکري معنيٰ بدران ٻوليءَ جي رواج موجب ٻي معنيٰ ڏيندو آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

انهيءَ کي 'پهاڪو' چئبو آهي."[٢]

مٿين چارٽ ۾ جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته ڊاڪٽر جيٽلي چئن صنفن يعنيٰ پهاڪي، چوڻي، محاوري ۽ ورجيس کي بنيادي طور تي مروج استعمال جي پهرين ٻن قسمن ۾ ورهايو آهي، جيڪا انهن جي فني ورهاست کي ظاهر ڪري ٿي سا هيٺين ريت آهي:

- **الڳ پورو جملو يا ايڪو**
- **جملي جو جزو**

اڳتي هلي ڊاڪٽر صاحب انهن کي وڌيڪ ٻن قسم ۾ ورهايو آهي. جيڪو هيٺين ريت آهي:

- **ٻي معنيٰ ڏيندڙ:**
  1. پهاڪو
  2. محاورو
- **اڪري معنيٰ ڏيندڙ:**
  1. چوڻي
  2. ورجيس

مٿين ورهاست جي روشني ۾ اهو چئي سگهجي ٿو ته محاوري ۽ ورجيس ۾ جيڪا ڳالهه چئي وڃي ٿي سا واضح آهي. جڏهن ته پهاڪي ۽ محاوري ۾ اصل ڳالهه جو مطلب لڪل هوندو آهي ۽ ان ۾ تشبيهه، استعاري ۽ ڪنايت جو استعمال ٿيل هوندو آهي. ان جي گهرائي ۾ وڃڻ لاءِ ذهني آزمائش جي ضرورت آهي.

'جامع سنڌي لغات' ۾ پهاڪي لفظ جي معنيٰ ڏنل آهي: "(سن = پٽ + ڪو) ڏاهپ جو قول ڪهاوت، مقولو، سِياڻپ، دانائي يا ڪنهن واقعي جو ٿورن لفظن ۾ اشارو، (جو ڪنهن کي مثال طور ٻڌايو وڃي، جيئن ڪتو ٻه ڪاڏو ڪُڪَ ٻه نه پري وغيره) رستو، واٽ، نصيحت."[٣]

انهن جي فني ۽ اڪر ۽ گهراين ۾ وڃڻ کان اڳ واٽ يعني پهرين انهن صنفن جي وصفن تي جيڪڏهن ويچار ڪجي ته انهن جي اهميت، نزاڪت، جوڙجڪ ۽ سماجي پسمنظر جو درست تجزيو ڪري سگهبو.





## پهاڪو:

لفظ پهاڪي بابت مختلف عالمن رايا ڏنا آهن. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو 'تحقيق لغات سنڌي' ۾ پهاڪي لفظ جو اشتقاق هن ريت ڏنو آهي: "پهاڪو (سنسڪرت = (پٽ) + (ڪو پچاڙي) نصيحت آميز چوڻي، حزب المثال."[٤]

مطلب ته ان لفظ جو بنياد اهو ئي ورتو ويو آهي، جيڪو عبدالڪريم سنديلي ڏنو آهي.

مرزا قليچ بيگ 'سنڌي لغات قديمي' ۾ لفظ پهاڪي جي معنيٰ " پهو، واٽ، رستو، ڳالهه، چوڻي، ڏوراپو، پيغام، حزب المثال."[٥]

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي 'پهاڪي' لفظ جي اڪري معنيٰ بابت لکي ٿو: "سنڌي ۾ هڪ مصدر آهي 'پهڻ'. اُن جون مکيه معنائون آهن، خيال ڪرڻ، فيصلو ڪرڻ، صلاح وٺڻ يا ڏيڻ، ملڻ، سرچڻ ۽ نبيرڻ."[٦]

پر پهاڪي جي وصف بابت ڪنهن به عالم واضح، با معنيٰ يا جٽادار وصف ڪانه ڏني آهي. مثالن سان ان جي معنيٰ مطلب ۽ وصف کي واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته پهاڪو دنيا جي سيني ٻولين جي ادب توڙي لوڪ ادب ۾ ملي ٿو. هڪ عالمگير صنف هوندي به سنڌي ٻوليءَ ۾ ان جي واضح وصف نه هئڻ هڪ تعجب جي ڳالهه آهي!

ڊاڪٽر روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي، جنهن سنڌي پهاڪن تي 'دهلي يونيورسٽي' کان ڊاڪٽريٽ ڪئي آهي، تنهن پڻ پنهنجي ٿيسز جي ٻئي باب ۾، جيڪو پهاڪن جي بيهڪ ۽ وصف جي عنوان سان آهي. پهاڪي جي ڪا واضح وصف نه ڏني آهي، البته ان جي وضاحت ڪجهه هن ريت ڪئي اٿس: "پهاڪا لوڪ ادب جو حصو آهن، اِهي انهن جي استعمال ڪرڻ واران ڳوناڻن کان ئي نه، بلڪ، ان جي معيار وارن عالمن کان به وڌيڪ ڳنڀير ٿيندا آهن. پهاڪن ۾ هڪ پاسي بجليءَ جي روشنيءَ وانگر ڪنهن ڳالهه کي چؤطرف ڦهلائڻ جي سگهه آهي، اتي ٻئي پاسي قديم علم کي سهڻي ۽ سپاٽ لفظن ۾ سنڀالي رکڻ جي قوت به آهي. پهاڪن ۾ جُڳن کان سمايل اهڙيون سچيون ڳالهيون ملن ٿيون، جيڪي انهيءَ وقت جي ماڻهن لاءِ ته جڻ پٿر تي لڪيل هڪ سَندَ يا مثال هيون. اهڙيون ئي سچيون ڳالهيون عام ماڻهن ۾ مشهوري ماڻي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پهاڪي جي شڪل اختيار ڪري وٺنديون آهن.“(٧)

ساڳئي ريت ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي به پهاڪي جي وصف بابت اعتراف ڪندي لکي ٿو: ” اسان پهاڪن جي خاصيتن بابت جدا جدا عالمن جي ويچارن جو جائزو ورتو ۽ اهو به ڏٺو ته انهن ۾ ڪنهن به هڪ سمجهاڻيءَ ۾ پهاڪي جون سڀ وصفون پيش نه ڪيون ويون آهن. هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته نيٺ اها ڪهڙي خاصيت آهي، جيڪا ڪنهن سخن يا ٻول کي پهاڪي جو درجو عطا ٿي ڪري. ٻين لفظن ۾ ايئن به چئجي، ته آخر پهاڪي جي آتما يا جان ڇا کي سڏجي؟

هيسٽنگس نالي هڪ عالم، جدا جدا پهاڪن جو اڀياس ڪري، انهن ۾ چئن وصفن جو هئڻ لازمي ڄاڻايو آهي، هو لکي ٿو:

“Four qualities are necessary to constitute a proverb, brevity (or, as some prefer to put it, conciseness), sense, piquancy or salt (Trench) and popularity. (Encyclopedia of Religion and ethics, Hastings, Vol. X. 412)”

مطلب ته ڪو به سخن پهاڪي جو درجو حاصل ڪري، انهيءَ لاءِ ان ۾ چئن خاصيتن جو هئڻ ضروري آهي. اهي آهن:

- ٿور- اکرائي يا ننڍڙو روپ.
- ويچارن جي گهرائي.
- سلوڻائي، ظرافت يا اظهار جي نزاڪت.
- لوڪ يعني عوام ۾ انهيءَ جو پرچار.“(8)

مٿين پيرائتي وضاحت کان پوءِ پهاڪو ادب ۽ سماج ۾ ڪهڙي اهميت رکي ٿو؟ ان جي وضاحت ٿي وڃي ٿي. ساڳئي وقت هڪ ڊگهي بحث کان پوءِ ڊاڪٽر جيٽلي پاڻ ئي پهاڪي جي وصف بابت هڪ نتيجو ڪڍيو آهي، جيڪو هن ريت آهي: ” ان حالت ۾ سوال ٿو پيدا ٿئي ته ’ٿور- اکرائي‘ جو مطلب ڇا ڪڍجي؟ منهنجي ويچار ۾ انهيءَ وصف جو مطلب اهو آهي ته پهاڪن ۾ گهربل معنيٰ جو اثرائتو اظهار ڪرڻ لاءِ جيترن لفظن جي ضرورت آهي، انهيءَ کان وڌيڪ لفظ ان ۾ هئڻ کپن. انهيءَ کي ئي ’اختصار يا ننڍو روپ‘ چئجي ٿو. هتي انهيءَ ڳالهه جو به ڌيان رکڻ گهرجي ته وڏا پهاڪا گهڻو ڪري بيتن يا دوهن جي صورت ۾ هوندا آهن. انهن ۾ تڪبندي، تجنيس حرفي ، اظهار





جو انوکو ڍنگ، وغيره خاصيتون به هونديون آهن. ان ڪري ئي وڏا پهاڪا پڻ روزاني زندگيءَ ۾ عام ماڻهن جي يادگيريءَ ۾ گهر ڪري ٿا وٺن. ان ريت، انهن کي به ننڍڙن، پهاڪن جيان ايڪائي وصف وارو مروج روپ حاصل ٿي وڃي ٿو. اهي آسانيءَ سان زباني روايت ذريعي ئي سماج ۾ مشهور ٿي ٿا وڃن.“(٩)

هيسٽنگس جن چئن وصفن جو پهاڪي ۾ هئڻ لازمي ڄاڻايو آهي تن ۾ پهريون آهي:

Brevity Conciseness يعنيٰ اختصار، جيڪڏهن پهاڪو مختصر هوندو ته اهو ڪنهن به لساني سماج ۾ سولائيءَ سان مروج ٿي ويندو، پر جي پهاڪو ڊگهو هوندو ته ماڻهن کي سولائي سان ياد نه رهندو.

ان ڪري اختصار پهاڪي جي بنيادي خوبي آهي. سنڌيءَ ۾ اهڙا جام مختصر پهاڪا ملن ٿا. جيئن ته:

- ٻه ته ٻارنهن.
- ڪوڙيءَ کي گهمرو آهي.
- ٺونٺ لڳي ساهيڙي ڀڳي.

ساڳئي وقت سنڌي ۾ ڊگها پهاڪا به آهن. جيڪي ٻن ٻن، ٽن سٽن تي ٻڌل آهن. ڪلاسيڪي صوفي شاعرن، شاهه ڪريم، شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ ٻين ڪيترن شاعرن جي ڪلام ۾ اسان کي پهاڪن جو گهڻو واهپو نظر اچي ٿو. خاص طور تي شاهه لطيف جي ڪلام ۾ ته بيتن جا بيت پهاڪن سان ڀريل آهن. ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا.

اَگهِيو ڪائو ڪَچُ، ماڻِڪَنِ موٺَ ٿِي،
پَلَئہ پَايو سَچُ، آڇِيندي لَڄَ مَران.

(شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘ ، سُر سريراڳ ، داستان 4، بيت 14، 2005ع، ص: 176)

تَانگهي ۾ تَاڻي، بَڌُ پَنهنجو تُرهو،
اِونهي ۾ آڻي، ڪو نَہ ڏِيندُءِ ڪو ٻِئو.

(شيخ، ٻانهون، خان، ’شاهه جو رسالو‘ ، سُر سريراڳ ، داستان 6، بيت 1، 2000ع، ص: 169)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٿورا نہ ٿورا، مون سين مارُوءَ جي ڪِئا،
پَلائيءَ پيرا، گِهٽي گهٽيان ڪيترا.

(بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، 'شاهہ جو رسالو'، سُر مارئي، داستان 6، بيت 19، 2009ع، ص: 364)

جي لِيلائي نہ لَهين، تہ پُٺِ لِيلائيج،
آسَرَ مَ لاهيج، سَجَڻُ پاڄِهيندَڙُ گهَٽُو.

(شاهواڻي، غلام محمد، 'شاهہ جو رسالو'، سُر ليلان چنيسر، داستان 2، بيت 21، 2005ع، ص:506)

ڏيکارِيسِ ڏُکَنِ، گُوندَرَ گَسُ پرِيَن جو،
سُونهائي سُورَنِ، ڪِي هيڪاندِي هوتَ سين.

(شيخ، پانهون، خان، 'شاهہ جو رسالو' جلد ٻيو، سُر حسيني، داستان 11، بيت 14، 2012ع، ص: 337)

## ويچارن جي گهرائي:

پهاڪن جي ٻي خاصيت، ويچارن جي گهرائي آهي. يعني تہ ان جي خيالن، ويچارن ۾ ڪو خاص نڪتو، سماجي مسئلو يا معاملو، جنهن جو آڌار وهنواري زندگيءَ تي هجي. پهاڪا لساني سماجن ۾ صدين کان مروج آهن.

مثال طور:

- پنهنجي ڪَئيءَ جو نڪو ويڄُ نڪو طبيب.
- ٻہ شينهن ٻيلي ۾ نہ ماپن.
- ڪوهہ پيو ڏيرپو، جنهن وڃايو پيٽپو.

مٿيان ٽئي پهاڪا وڏي معنىٰ وارا آهن. ۽ اسان جي سماج جي ڀرپور عڪاسي ڪن ٿا. انهن ۾ سماجي مسئلن ۽ روزمره جي زندگي جي فڪر جي گهرائي موجود آهي.

ٽين ۽ آخري پهاڪي مان پروڙ پوي ٿي تہ ڪوشش ڪري هڪ ٽي گهر ۾ بہ





ڏيئر پرڻائي نہ ڏجن. ڇاڪاڻ تہ ڏٺو ويو آهي تہ ٻہ ڀينر جڏهن هڪ ئي ڪٽنب ۾ پرڻايون وڃن ٿيون تڏهن اهي پيڻ سان گڏ، ڏيراڻيون بہ بڻجن ٿيون.

نئين رشتي جي قائم ٿيڻ سان انهن ۾ ڀيرين واري سڪ ۽ پريت، ميٺ محبت قائم نٿي رهي. تنهن ڪري ڪنهن سياڻي صحيح چيو آهي تہ اهو ڏيرپو ئي ڪڏ پوي جنهن سان ڀينرن جي وچم نفرت ۽ تڪرار واري صورتحال پيدا ٿئي، ۽ گهر ۾ جهيڙا جهٽا ٿيندا رهن.

## سلوڻائي، ظرافت يا اظهار جو انوکو انداز:

ڪيترائي پهاڪا مٿين ٻن خاصيتن کان علاوه اهڙا بہ آهن، جيڪي سلوڻائيءَ چترائي اظهار جي انوکي انداز ۽ متاثر ڪندڙ عبارت سبب پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جي دل ۽ دماغ تي يڪدم اثر ڪن ٿا. اهڙا پهاڪا عوام ۾ جلد مقبول ٿين ٿا.

مثال طور:

- مينهن پنهنجي ڪارنهن ڏسي ڪانہ، ڳئونءَ کي چوي، هل ڙي پُڇ ڪاري.

معنىٰ ماڻهو پنهنجا عيب ثواب، هلت چلت ڏسڻ کان سواءِ ٻين جي عيبن ۽ هلت تي چٽر يا اعتراض ڪن، پر اهو ضروري ناهي تہ هر پهاڪي جي ٻولي ايتري سلوڻي، دلڪش ۽ اثرائتي هجي.

## عوامي مقبوليت:

پهاڪن جي چوٿين خوبي انهن جي عوام ۾ مقبوليت آهي، ڪي بہ ٻول يا چوڻيون جيتر عوام کي پسند نہ اينديون. تيستائين انهن کي پهاڪي جو درجو حاصل ٿي نہ سگهندو. ان ڪري اهڙن ٻولن جي عوامي مقبوليت ان کي پهاڪي جو درجو ڏياري سگهي ٿي. سنڌ ۾ هر ايراضيءَ ۾ مختلف پهاڪن جو استعمال ٿئي ٿو، هر لهجي ۾ مختلف نوعيت جا پهاڪا آهن.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## محاورو يا اصطلاح:

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي 'مروج استعمال' جي سري سان پهاڪن، محاورن ۽ ورجيس جي جيڪا درجه بندي ڪئي آهي. ان موجب محاورو به پهرين قسم جي درجي ۾ اچي ٿو. يعني ٻي معنيٰ ڏيندڙ. ان حوالي سان جيڪڏهن محاوري جو اڀياس ڪجي ته اها ڳالهه آڏو اچي ٿي ته محاورو اهو مروج استعمال آهي، جيڪو بيان يا لکت ۾ ڪنهن جملي جو جزو ٿي ڪم ايندو آهي، ۽ اکري معنيٰ بدران ٻولي جي رواج مطابق ٻي ڪا لکل معنيٰ يا تشبيهه جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي موجب:

"محاورو يا اصطلاح ٻئي عربي ٻولي جا لفظ آهن، جيڪي سنڌي کان سواءِ، فارسي، اردو، پنجابي ۽ ٻين ٻولين ۾ به مروج ٿي ويا آهن.

'محاورو' لفظ جو عربي ۾ اُچار آهي، 'محاورت'. اِهو 'حاور' يا حَوَرَ فعل مان نڪتو آهي. جنهن جو مطلب آهي، 'موٽائڻ، ورندي ڏيڻ' پلاٽس انهن لفظن جون اردو- هندي ڊڪشنري ۾ معنائون ڏنيون آهن:

(۱) گفتگو، ڳالهه ٻولهه (۲) اصطلاح لفظي ميڙ، عام ڳالهه ٻولهه جو طريقو، (۳) ٻوليءَ ۾ استعمال، (۴) روايت، پرمپرا ۽ عادت."[۱۰]

'جامع سنڌي لغات' ۾ محاورو لفظ جي معنائون هن ريت ڏنل آهن.

محاورو (ع- حَورَ= هن ورائي چيو) گفتگو. ٻول چال، ڳالهه ٻولهه، سوال جواب، علم نحو موجب اهو جملو جنهن جي لفظي معنيٰ هڪڙي هجي ته ڪِنايته معنيٰ ٻي هجي. مثلن اکيون پورڻ، بي شرم ٿيڻ، مرڻ وغيره. اصطلاح، ورجيس استعمال، اڀياس، ساڌنا، مشق آزمودو تجربو."[۱۱]

ساڳئي ريت اصطلاح عربي لفظ آهي، جنهن جو بنياد آهي صلح يعنيٰ موافق سنو يا وڻندڙ ٿيڻ، لفظي ميڙ، فقرو، محاورو ٻولي ۾ استعمال ڪا مقبول معنيٰ.

'جامع سنڌي لغات' ۾ اصطلاح لفظ جي معنيٰ هن ريت آهي.

" اصطلاح ڌنڌي يا فن جو لفظ ورجيس، ٻولي جي محاوري وارو لفظ، لفظن جو جوڙ."[۱۲]





'جامع سنڌي لغات' ۾ ڏنل اها معنيٰ اڻپوري محسوس ٿئي ٿي.

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي محاوري ۽ اصطلاح کي هڪ ئي صنف جي دائري ۾ آندو آهي، ۽ پنهنجي ڪتاب 'سنڌي پهاڪا ۽ محاورا هڪ اڀياس' جي چوٿين باب کي عنوان ڏنو اٿس' محاورو يا اصطلاح'. سندس چواڻي اهي ٻئي عربي لفظ آهن، ۽ ٻئي ٻولي جي مروج استعمال ۾ ٻي معنيٰ ڏيندڙ آهن. جڏهن ته هن ورجيس کي اکري معنيٰ ڏيندڙ صنف ڪوٺيو آهي، ۽ ڌار صنف قرار ڏنو آهي.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي پنهنجي ڪتاب 'اصطلاحن جي اصليت' ۾ اصطلاح ۽ ورجيس کي هڪ ئي صنف ڪري ڪوٺيو آهي. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو:

" اصطلاح کي ورجيس به چوندا آهن. ورجيس سنسڪرت (ورج) ڌاتو (بنياد) مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: چونڊڻ، پسند ڪرڻ، ٻن معنائن مان هڪ چونڊڻ.

اصطلاح هر وقت ٻولي ۾ڪتب ايندا رهندا آهن. ڇاڪاڻ ته وقت جي نزاڪت خودبخود ئي عوام کي اصطلاحن چوڻ تي آماده ڪري ٿي. دنيا جي ڪابه زبان اصطلاحن کان خالي ڪانهي."[۱۳]

ٻن وڏن عالمن جن مان هڪ ٻولي ۽ لسانيات جو عالم آهي ته ٻيو لغات ۽ لوڪ ادب جو ماهر آهي. انهن جي راءِ ۾ تضاد جو هڪ سبب جيڪو مون کي سمجهه اچي ٿو، اهو اِهو به ٿي سگهي ٿو ته پهاڪي کي انگريزي ۾ 'Proverb' ڪوٺجي ٿو، پر انگريزي ۾ هڪ ٻيو اصطلاح 'Idioms' آهي، جنهن جي معنيٰ: "اِڊيئم اسم، ۱- محاورو، اصطلاح، ورجيس لفظن جو ميڙ جن جي گڏيل معنيٰ، انهن جي انفرادي معنيٰ کان مختلف هجي، (جئين over the moon دماغ آسمان تي، See the light مونجهارو ختم ٿيڻ) ۲- ڪنهن خاص طبقي يا ٽولي جي ٻولي ۳- الف: ڪنهن ملڪ يا قوم جي ٻولي، ب: ان جي انفرادي خاصيت ۴- موسيقي، ادب وغيره ۾ اظهار جو خاص طريقو."[۱۴]

فرهنگ آصفيه موجب: "محاورو (ع) هم ڪلامي، پاڻ ۾ گفتگو، ٻول چال، ڳالهه ٻولهه، سوال جواب، اصطلاح، عام روزمره. اهو جملو يا ڪلام جنهن کي ڪجهه ماڻهن (اعتبار جوڳن) لغوي معنيٰ جي مناسبت سان يا غير مناسبت سان ڪنهن خاص



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

معنيٰ لاءِ مختص ڪيو هجي، جيئن حيوان مان مراد، ڪل جاندار لکيا وڃن، ۽ محاوري ۾ غير ذوالعقول تي ان جو اطلاق ٿئي. جڏهن انسان کي عقل وارو چئي، عادت، مهارت، مشق. ربط. اڀياس. "(۱۵)

مٿين ٻن حوالن جو جيڪڏهن جائزو وٺجي ٿو ته انگريزي 'Idioms' اوڪسفورڊ ڊڪشنري موجب، محاورو- اصطلاح ۽ ورجيس هڪ ئي شيءَ جا مختلف نالا آهن، پوءِ ڀلي انهن جي چوڻ، يا ڳالهائڻ جي انداز ۾ فرق يا فني فرق ٿي سگهي ٿو.

اهڙيءَ ريت فرهنگ آصفيه جيڪا اردو ٻولي جي مستند لغت آهي اها به محاوري ۽ اصطلاح ٻنهيءَ کي هڪ ئي خاني ۾ ظاهر ڪري ٿي.

اعجاز احمد ميمڻ سُر پرڀاتي جي موضوع تي ڀٽ شاهه ۾ ۲۰۰۹ع ۾ ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي پڙهيل پنهنجي مقالي ۾ ساڳي ريت بحث ڪندي لکي ٿو ته: " اصطلاح ۽ محاوري ۾ يقيناً فرق آهي. "(۱٦)

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي پنهنجي ڪتاب' سنڌي ورجيسي ٻولي' جي پيش لفظ جي شروعات ڪجهه هن ريت ڪري ٿو:

"ورجيس جي علمي معنيٰ محاورو يا اصطلاح آهي. اهڙيءَ طرح ورجيسي ٻوليءَ جي معنيٰ آهي محاوراتي ٻولي. لغت جي روءِ کان ورجيس لفظ جي معنيٰ آهي لباس پهريل ٻولي، ٺاهه ٺوهه واري ٻولي يا وري سينگاريل زبان. ڳالهه ٻولهه ۽ بيان ۾ هرڪو انسان پنهنجي مدعا کي مؤثر طور ادا ڪرڻ لاءِ ٻوليءَ کي ٺاهي جوڙي استعمال ڪندو آهي. ان ڪري ورجيسي ٻولي اها آهي، جيڪا عام ماڻهو پنهنجي ماحول ۽ آسپاس جي مشاهدي ۽ آزمودي جي بناءَ تي ٺاهين جوڙين ۽ سينگارين ٿا. "(۱۷)

ڊاڪٽر روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي پنهنجي ڪتاب 'سنڌي پهاڪا: لسانياتي ۽ سماجي- ثقافتي اڀياس' ۾ انهن ٽنهي صنفن ۾ فرق کي واضح ڪندي مثالن سان واضح ڪري ٿو:

" **پهاڪي، محاوري، ۽ ورجيس ۾ فرق:**

پهاڪي ۽ محاوري جي شڪل ۽ خاصيتن تي اڃا تائين جيڪو ويچار ڪيو ويو آهي، انهيءَ مان ظاهر آهي ته پهاڪو ۽ محاورو ٻئي ٻوليءَ جا اهڙا 'سوتر





پريوگ' (مقرر ڪيل قاعدن موجب استعمال) آهن، جيڪي لفظي معنيٰ بدران ٻوليءَ جي رواج موجب ٻيءَ گهربل معنيٰ ڏيندا آهن. انهن ٻنهي جي استعمال ڪرڻ سان ٻولي دلڪش، نزاڪت ڀري ۽ اثرائتي بڻجي پوي ٿي، پر ٻنهيءَ جي وچ ۾ ڪيترين ئي ڳالهين ۾ فرق آهي، جيڪو ٿوري ۾ هيٺ ڄاڻائجي ٿو:

١. پهاڪو هڪ الڳ پورو جملو يا جملن جو ايڪو هوندو آهي، پر محاورو هميشه ڪنهن جملي جو جزو هوندو آهي، جيئن ته 'انڌن ۾ ڪاڻو راجا' 'مينهن پنهنجي ڪارنهن ڏسي ڪانه، ڳئون کي چوي، هَل ڙي پُڇ ڪاري' پهاڪا آهن. پهرئين پهاڪي ۾ هڪ جملو آهي، ۽ ٻئي پهاڪي ۾ ٽي جملا آهن. ڪجهه مثال هن ريت آهن:

- ساهيڙين جي واتان اها ڳالهه ٻڌي ڪملا پاڻي پاڻي ٿي ويئي.
- رام داس اٿئي ٻگُهلو ڀڳت ڪانئس خبردار رهجانءِ.

انهن مثالن ۾، 'پاڻي پاڻي ٿي ويئي' ۽ 'ٻگهلو ڀڳت' محاورا آهن، جيڪي جملن جو ئي هڪ حصو آهن.

٢. پهاڪي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه لفظ هوندا آهن، جيئن ته : قرض مرض، پر محاورو هڪ لفظ وارو به ٿي سگهي ٿو. جيئن ته ڪنهن ڇوڪري کي چئجي: 'گڏهه! هيڏانهن ڏيان ڏي.' ته هن جملي ۾ 'گڏهه' لفظ محاورو آهي، جيڪو پنهنجي لفظي معنيٰ بدران ٻي معنيٰ ۾ ڪتب آيو آهي. "(۱۸)

ڊاڪٽر روي اڳتي وڌيڪ واضح ڪندي لکي ٿو ته : " پهاڪا، بيان ۾ ڪتب نه اچڻ تي به پنهنجي ليکي پوري معنيٰ جو اظهار ڪندا آهن. ٻئي طرف، محاورا گهڻو ڪري بيان ۾ استعمال ٿيڻ بعد پنهنجي گهربل معنيٰ ظاهر ڪن ٿا. جيئن ته : گڏهه (بيوقوف، مورک) مرڻ (فدا ٿيڻ) وغيره جڏهن بيان ۾ ڪتب آڻبا، تڏهن اُنهيءَ جي حوالي سان ٻڌائي سگهبو ته اهي لفظي معنيٰ ۾ آهن يا انهن جي اصطلاحي معنيٰ گهربل آهي.

پهاڪا گهڻو ڪري سياڻپ جا سُخن ۽ نصيحت ڀريا گفتا آهن، جيڪي انسان جي زندگيءَ جي رهنمائي ڪن ٿا. ٻئي طرف، محاورا فقط ڪنهن ڪم جي هئڻ، ٿيڻ وغيره جو نرالي ۽ اثرائتي نموني کي بيان ڪن ٿا. انهن جو گهڻو واسطو ٻوليءَ جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

عبارت سان آهي.

ورجيس به محاوري وانگر جملي جو هڪ جزو هوندو آهي، پر اها لفظي معنيٰ ۾ ڪتب ايندي آهي، جيئن ته : ماستر موهن کان سوال پڇيو ته هو اهڙو ڪُڇي جهڙو پٽ. ورجيس چوڻيءَ جي وڌيڪ ويجهو آهي، پر اها لفظي معنيٰ ۾ ڪتب ايندي آهي. مثال طور: سوڪ جي ڪري ستايل ماڻهن کي مدد ڪرڻي اٿيئي ته ان ۾ دير نه وجهه. 'ترت دان، مها پُجُ' هتي 'ترت پُجُ' هڪ چوڻي آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ عام طور پهاڪي ۽ چوڻيءَ جي وچ ۾ تفاوت نه لکيو ويندو آهي، پر باريڪ نظر سان ڏسجي ته چاهي ٻئي پورا جملا آهن، پر پهاڪو اڪري لفظي معنيٰ ۾ ئي ڪتب ايندو آهي."[١٩]

## نتيجو:

مٿين برک عالمن جي متضاد راين کان پوءِ آءٌ ان نتيجي تي پهتي آهيان ته لوڪ ادب، ادب جي انهن صنفن / اصطلاحن (Terms) تي هڪ جامع ڪوجنا ٿيڻ گهرجي، ته جيئن انهن وصفن جي واهپي ۽ معنائن کي صحيح صورت ۾ وصف عطا ٿئي. ٻيو ته شهري ٻوليءَ ۾ انهن سيني جو استعمال اٽلپ ٿيندو پيو وڃي. جنهن لاءِ انهن موضوعن تي ڪانفرنسون ڪرائڻ گهرجن. انهن موضوعن تي سنڌي ٻولي اختيارين کي ڪتاب شايع ڪرائڻ گهرجي.

اسڪولن ۾ سنڌي پڙهائيندڙ استادن لاءِ پهاڪن، محاورن ۽ اصطلاحن جي واهپي لاءِ ورڪشاپ ڪوٺائڻ گهرجي. سنڌي نصاب ۾ ان موضوعن کي وڌ ۾ وڌ شامل ڪرڻ گهرجي.

يونيورسٽي جي نصاب ۾ خاص طور تي مٿين ڪلاسن ۾ هڪ ڌار ڪورس يا پيپر متعارف ڪرائڻ گهرجي.

## حوالا


١. سنڌيلو، عبدالڪريم، 'لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، ١٩٨٦ع، ص:١.

٢. جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر، 'سنڌي پهاڪا ۽ محاورا (هڪ اڀياس)'، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو،







١٩٩٦ع، ص:٢٣ ۽ ٢٤.

٣. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، 'جامع سنڌي لغات'، جلد ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، سنڌ، ٢٠٠٧ع، ص:٢٥٦.

٤. سنڌيلو، عبدالڪريم، 'تحقيق لغات سنڌي'، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڇاپو پهريون، ١٩٥٥ع، ص:٩٦.

٥. قليچ، بيگ مرزا، 'سنڌي لغات قديمي'، پرڳڙي سينٽل پريس، ١٩٢٤ع، ص:٢٦.

٦. جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر، 'سنڌي پهاڪا ۽ محاورا هڪ اڀياس'، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ١٩٩٦ع، ص: ٣١.

٧. ٽيڪچنداڻي، روي پرڪاش، ڊاڪٽر، 'سنڌي پهاڪا: لسانياتي ۽ سماجي- ثقافتي اڀياس' سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ٢٠١٠ع، ص:٥٣.

٨. جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر، 'سنڌي پهاڪا ۽ محاورا هڪ اڀياس'، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ١٩٩٦ع، ص: ٤٢.

٩. ايضاً، ص:٤٣، ٤٤.

١٠. ايضاً، ص:٥٤.

١١. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، 'جامع سنڌي لغات' جلد ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ، ٢٠٠٧ع، ص:٢٩٠.

١٢. ايضاً، جلد پهريون، ص:١٨١.

١٣. سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، 'اصطلاحن جي اصليت' (ٻه اکر) اسلم پبليڪيشن پاور هائوس لاڙڪاڻو، ص:٣.

١٤. اوڪسفورڊ انگريزي سنڌي ڊڪشنري، پهريون ڇاپو، اوڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچي، ٢٠١٠ع، ص: ٨٤١.

١٥. دهلوي، سيد احمد، 'مولوي فرهنگ آصفيه'، (جلد چهارم) سنگ ميل پبليڪيشن، لاهور، ص:٣٠٣.

١٦. ميمڻ، اعجاز احمد، مقالو: 'پرياتي جي اصطلاحي ٻولي'، 'سُر پرياتي' مرتب: محمد علي مانجهي، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، ٢٠١٠ع، ص:٢٣٧.

١٧. عرساڻي، شمس الدين، 'سنڌي ورجيسي ٻولي'، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ١٩٩٧ع، ص: ١٣.

١٨. ٽيڪچنداڻي، روي پرڪاش، 'سنڌي پهاڪا: لسانياتي ۽ سماجي-ثقافتي اڀياس'، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد، ٢٠١٠ع، ص:٨٧.

١٩. ايضاً، ص:٨٩.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair